۴۳۸- مان نه مسلمان آهيان نه ڪافر. نه جادوگر آهيان نه ساحر.

۴۳۹- مان نه زنديق آهيان ۽ نه ملحد. مان حد لاحد کان لنگهي ويس.

۴۴۰- مان نه بزرگ نه شيخ نه پير آهيان. مگر فقير آهيان.

۴۴۱- مان نه گدا نه زاهد نه پارسا آهيان. نه مقتدي نه پيشوا آهيان.

۴۴۲- مان نه قاضي آهيان ۽ نه ملا. ۽ نه مفتي، تون مونکان منهن موڙ.

۴۴۳- مان نه چاڪر آهيان ۽ نه خواجه ۽ نه غلام. مان يقين سان سڀني کي سلام ڪري ڇڏيو.

۴۴۴- مان دين اسلام کان منهن موڙيو. جنهن ڪري حق جي رازن رمزن کي ويجهو ٿيس.

۴۴۵- اسان طلسماتي دنيا ۾ اچلايا ويا آهيون. ۽ عشق جي ميدان ۾ بيٺا آهيون.

۴۴۶- سراسر ان جو هي سخن ٻڌ. "ما و من" ۽ جان تن کي ڇڏي ڇڏ.

۴۴۷- مون منجهه درياه موجزن ٿيو. جنهن ۾ "ما و من" ۽ جان تن غرق ٿي ويو.

۴۴۸- مان سيني دروازن کان منهن مٽيو. جنهن ڪري يار کي پنهنجي شهر ۾ پاتو.

۴۴۹- ڪڏهن سوليءَ تي انا الحق جو نعرو ٿو هڻان. ڪڏهن دنيا ۾ غوغا ٿو ڪريان.

۴۵۰- مون ۾ بيڪران موج پيدا ٿي. جنهن ڪري مان هي راز ظاهر ڪريان ٿو.

۵۵۱- تون شاهه حيدر ٿي خيبر جو قلعو هٽ ڪر. الله جي راهه ۾ دل و جان سان عاشق ٿيءُ.

۵۵۲- هن قلعي کي خيبر جي قلعي وانگر پٽ. ته تون جهان ۾ برتر ٿئين.

۵۵۳- توحيد وارو علم دل سان هنداءِ. روزگار وارو علم وڪڻي ڇڏ.

۵۵۴- مان منصوري علم ڪلهي تي کنيو آهي. ۽ بيرق سان هي جهنڊو کنيو آهي.

۴۵۵- مان هنجي اسرارن جو علم بيان ڪيان ٿو. ته هر ڪنهن کي عام خبر پوي.

۴۵۶- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان. انهيءَ حيرت ۾ آهيان ته مان ڇا آهيان.

۴۵۷- مان توحيد جي نشي ۾ مخمور آهيان. ۽ مان مشهور ملحد آهيان.

۴۵۸- شراب پيءُ، شراب پيءُ، شراب پيءُ. تسبي ۽ مصلي کان دور ٿيءُ.

۴۵۹- شيخي ۽ پيري کان ڪنارو ڪر. اميريءَ ۽ وزيريءَ کان ڪنارو ڪر.

۴۶۰- ماءُ پيءُ زال ۽ ٻار. اهو آهي طلسماتي چار.

۴۶۱- منهنجي حال جي ڪنهن کي خبر نه هئي. مگر آخر هي حال ظاهر ظاهر ٿي پيو.

٤٦٢- تون ورد وظائف ڇڏ- هنجي عشق کان سواء ٻي سڀ جادوگري آهي

٤٦٣- تسبيح ۽ مصلو گروي رک- خرقه سالوسي وڃي دڪان تي رک

٤٦٤- گودڙي ڇتن واري ڇڏ ساڙي- جو ايهو ما و من وارو مڪر آهي

٤٦٥- جيڪو نفان پڙهڻ ۾ شاغل ٿيو- سو ڇڻ الله جي طلب کان
ڪاهل ٿيو.

٤٦٦- تون مخدومي ڇڏي ٿيءُ خادم- اي پٽ اهو فرعوني آهي دم.

٤٦٧- جيڪو مخدوم ٿيو سو محروم ٿيو- جيڪو محروم ٿيو سو
مخدوم ٿيو.

٤٦٨- راه رندي مخدومي ۾ نہ آهي- مخدومي وارو آفتن کان خالي نہ آهي

٤٦٩- ٻهريان اهو سمجهہ تہ مان ڇا آهيان- * مون کي ملائڪن ڇو
سجدو ڪيو؟

٤٧٠- ٻوءِ هتي مان غلاميءَ ۾ آيم- ۽ عبد جو نالو سڏايم.

٤٧١- انهيءَ خواجگي ۾ مان ٿيڙم غلام- انهي حيرت ۾ آهيان ڇوان والس

٤٧١- الف :- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان- انهي
حيرت ۾ حيران آهيان تہ مان ڇا آهيان.

٤٧٢- سج چند ٻنهنجي اکين جو نور سمجهہ- اي طالب هيءُ منهن
سخن سچو سمجهہ.

٤٧٣- ساوا گل ٻن ۽ شاخون درخت- تنهنجي نور مان پيدا ٿيل آهن، ا
نيڪ بخت.

٤٧٤- اکن جو نور مٿي آسمان تائين وڃي ٿو- مگر اندو اهو ڏسي
سگهي ٿو.

٤٧٥- هن جو راز رموز تنهنجي اکين آڏو آهي ظاهر ظهور- اي جو
تون انهن رازن کي پروڙ.

٤٧٦- منهنجي مست نگاهن جي سامهون نہ اچ- منهنجون نگاهون تير آ
تون سامهون نہ اچ.

---

* و نفخت فيهِ مِن روحهِ (قرآن) مان پنهنجو روح آدم ۾ و

٤٧٧- اي زاهد تون منهنجي مست نگاهن کان پاسو ڪر. منهنجي اکيان نه ويهه، جلد اٿي وڃ.

٤٧٨- هيءَ نگاهون سمجهه ته قاتل آهن - جنهنکي وصال نصيب ٿيندو تنهن کي درد نصيب ٿيندو.

٤٧٩ منهنجي مست نگاهن کان پرهيز ڪر. تون ڪيترو ويهندين، وڃ پاسو ڪر.

٤٨٠- هي منهنجي نگاه معمولي نه آهي - سر ڏي ۽ عشق جو گنج حاصل ڪر.

٤٨١- شير جي اکين کي ڏسڻ ڏکيو آهي - اهي ڏسي سگهندا جي حق سان واصل هوندا.

٤٨٢- اي پٽ سمجهه ته اکيون ديدار آهي. جي هر ڪنهن کي قتل ڪن ٿيون.

٤٨٣ منهنجون اکيون ذوالفقار جي مثال آهن. جي حيدر ڪرار جي هٿ ۾ آهي. سبحان الله.

٤٨٤ منهنجون اکيون عشق آهي انجو تاب ڪوئي سهي نه سگهندو. اهي فقط ڏسي سگهندا جن پاڻ وساريو هوندو.

٤٨٥ منهنجي نگاه بي صورت ۽ پرحذر آهي. اها ذات پاڪ آهي ۽ عالي قدر آهي (سبحان الله)

٤٨٦- مان ڪبر آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان. انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان ته مان ڇا آهيان.

٤٨٧- ماءُ جي پيرن مان جڏهن تنهنجو جنم ٿيو- ته دائي توکي گود ۾ کنيو.

٤٨٨- ڪجهه وقت دائي تنهنجي پرورش ڪئي- پوءِ تون وڃي هن تي عاشق ٿئين.

٤٨٩- تون دائي کي ڇڏي حقيقي ماءُ سڃاڻ. تون پيو لباس ڏسي پلجي وئين.

٤٩٠- تنهنجو پيدا ڪندڙ پيو آهي. تون انڌانهن وڃ اها تنهنجي ماءُ آهي

٤٩١- اي پٽ هيءَ جسم دائي آهي- انهيءَ خيال کي دل ۾ جان مان ڪم ڪر.

٤٩٢- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان- انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان مان چا آهيان.

٤٩٣ پهريائين تنهنجي منزل پيءَ جي پٺ ۾ ٿي- ڪجهه وقت تون اتي رهين.

٤٩٤- پوءِ تون ماءُ جي پيٽ ۾ آئين- اي سالڪ تون اتي ڏهه مهينا رهين.

٤٩٥- پوءِ اچي هن عالم ۾ ظاهر ٿئين- جو تون اصل هئين سو پلجي وئين.

٤٩٦- تون انهن تنهي منزلن کي ترڪ ڪر- تون پاڻکي آواره گردي ۾ مبتلا نه ڪر.

٤٩٧- اي پٽ تون انهيءَ ڳالهه کان اڳ ڪاٿي هئين؟- اهو تو بلڪل وساري ڇڏيو آهي.

٤٩٨- اي جوان تون اصل ڪاٿي هئين؟- اي پاڪ باز پنهنجو اصل وطن ياد ڪر.

٤٩٩- تون پاڻکي هوشيار ڪر- تون پاڻهون چو ٿيو آهين تون بادشاه ٿيءُ.

٥٠٠- تو ات ٿوري دير سان اقرار ڪيو- جڏهن پختو ٿيندين ته توکي راز جي خبر پوندي.

٥٠١- هن عالم ۾ وري تون اچ- ته تنهنجو اناالحق جو نعرو ظاهر ٿئي.

٥٠٢- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان- انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان ته مان چا آهيان.

٥٠٣- ٿو ر و پاڻي جڏهن وهي ٿو- ته هو درياه وانگر موج ڏيکاري ٿو.

٥٠٤- هو دم ڏو هٽي ته مان درياه آهيان- ۽ دنيا ۾ غوغا ڪري ٿو.

٥٠٥- جيڪڏهن انهيءَ پاڻيءَ جو رستو جاري رهيو- ته آخر هو درياه ٿي پيو.

٥٠٦- انهيءَ پاڻيءَ جو رستو ڪليل رهندو- ته درياه ٿي پوندو.

٥٠٧- اهي لهرون جيڪڏهن هڪ جاءِ تي لڳنديون- ته ٻيڙيءَ جو تختو پڄي پوندو.

۵۰۸- مان درياه جي ڇولين جي وچ ۾ آيو آهيان. ۽ عجب جاءِ تي اچي پيو آهيان.

۵۰۹- مان هن عالم ۾ سرداري ڏو ڪيان. گدائي منجهان بادشاهي ڏو ڪيان.

۵۱۰- اندر ٻاهر اها هڪ ذات آهي. جنهن مون کان انا الحق جو سبق سيکاريو.

۵۱۱- هينئر مان حقيقت جي بي پايان سمنڊ تائين پهچي ويو آهيان. ۽ "لا" کان لنگهي "الا" تائين پهچي ويو آهيان.

۵۱۲- اي ياءُ تون پاڻکي درياه سمجهه. ته تو منجهان اهي لهرون جاري ٿينديون.

۵۱۳- لهرون درياه جون خود درياه آهن. تحت الثرا کان ثريا تائين حقيقت هڪ آهي.

۵۱۴- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان. انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان ته مان ڇا آهيان.

۵۱۵- هي موجون موجودات آهي. ۽ موجودات ذات آهي.

۵۱۶- اي پٽ تون پاڻکي هن گرد کان صاف ڪر. تون اڳ ڇا هئين سو انصاف ڪر.

۵۱۷- تون رسمن جي قانون کان پاڻکي آزاد ڪر. اي نيڪ بخت تون پاڻکي نام نشان کان آزاد ڪر.

۵۱۸- تون انهيءَ کان مٿي ٿيءُ. انهن رسمن کي درياه ۾ غرق ڪر.

۵۱۹- اگرچه سؤ چشمان پاڻي جا هجن. ته به چنڊ پنهنجي اصلي جاءِ تي آهي.

۵۲۰- چنڊ قائم آهي ۽ چشمه بي بقا آهي. چنڊ جي روشني قائم آهي.

۵۲۱- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان. انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان ته مان ڇا آهيان.

۵۲۲- خلق جي رسم رسومات کان پاسو ڪر. اهي سمورديون رسمون ترڪ ڪر.

٥٢٣- خاص توڙي عام جون رسمون ترڪ ڪر- پاڻ وڪڻ ۽ عشق خريد ڪر.

٥٢٤- اهي رسمون ڪم آهي شيطاني- پاڻ سڃاڻڻ ڪم آه رحماني

٥٢٥- انهن دجالي رسمن کان دور ٿيءُ - عشق جي طريقي ۾ مشهور ٿيءُ.

٥٢٦- انهي دجالي ڪم کان ٿيءُ دور تون - عاشقي ۾ ٿيءُ ادا مشهور تون.

٥٢٧- اهو ڪافرن وارو ڪم جي ٿو ڪرين - ڇو ته آذر جي بت جي پوڄا ٿو ڪرين.

٥٢٨- مان اسلام جي حد آهي پهچي ته اسلام کان يڪا يڪ وڃي پهچي.

٥٢٩- مان مسلماني کان هلي ويس - ملت ۽ مذهب کان آزاد ٿيس.

٥٣٠- مان مذهب ۽ ملت نه ڄاڻان - انهيءَ ڪم کي اصل نه سڃاڻان.

٥٣١- رسمن ۾ بت پرستي آهي سمايل - ساڪ تي اها حقيقت آهي پڌايل.

٥٣٢- رسمن جي پليدي کان پاڪ ٿيءُ - عاشق ٿيءُ ۽ صاحب لولاڪ ٿيءُ

٥٣٣- اهي رسمون زنجير ۽ ڪپٽ آهن - جو انهي ۾ اڙندو سو ڦاسندو.

٥٣٤- اي پٽ انهيءَ دام کي ڇني ڇڏ - انهيءَ کان هٿ ڌوئي ڇڏ.

٥٣٥- انهيءَ عالم کان جڏهن ٻاهر نڪرندين - ته سارو راز تو کي معلوم ٿيندو.

٥٣٦- هن دام سيني کي قابو ڪيو- آفرين انهيءَ کي آهي جيڪو ان کان آزاد ٿيو.

٥٣٧- مرد اهو آهي جنهن هن دام کي ڇنو - جو ٻنهي جهانن کان آزاد ٿيو.

٥٣٨- مان هنجي عشق جو راز ظاهر ڪيانٿو - تون دنيا جي ڪم کي ڇڏي ڏي.

٥٣٩- ظاهري نالي ۽ رسمات کان پاسو ڪر- جيڪڏهن مونکان پڇين ته اهو ڪفر آهي.

٥٤٠- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان- انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان ته مان ڇا آهيان.

٥٤١- هن جو نالو ٻين نالن ۾ ڪم ٿيو - نام ويو هو خود ظاهر ٿيو.
٥٤٢- تون نالن ۾ ڇو ٿو اڙجين - نالن ڪي ڇڏ ۽ ذات ۾ ڌيان ڌر.
٥٤٣- نالن ۾ اختلاف ٿئي ٿو - جڏهن تون انجي معنيٰ سمجهندين ته صاف ٿيندا ڏين.
٥٤٤- فلاڻي پٽ فلاڻي ڪي ڇڏي ڏي - اهو تون آهين، اهو تون آهين ٻيو ناهي.
٥٤٥- درياه ۾ لهر لڪل آهي - لهرن منجهان درياه ٻاهر نڪري ٿو.
٥٤٦- لهرون وڃن ٿيون نه خود درياه ٿئي ٿو - اهو سڀ مان آهيان غير ويو هليو.
٥٤٧- مان ڪير آهيان، مان ڪره آهيان، مان ڪير آهيان- انهي ۽ حيرت ۾ آهيان ته مان ڇا آهيان.
٥٤٨- منهنجي ڏاڏي جو نالو صاحبڏنه مشهور آهي - ۽ سلسله ۾ هنجو نالو محمد حافظ ڏيڪاريل آهي.
٥٤٩- هڪ ڏينهن شهر ڪان ٻاهر ٿي ويو - ۽ هو ڪنهن ٻي رنگ ۾ هيو.
٥٥٠- ڪوٽڙي ۽ ڏيون * جي وچ ۾ - هڪ ديواني عورت هن سان ملي.
٥٥١- بي بي بصري هن جو نالو هيو - هنجي وار جي ۾ ڪنهنکي خبر نه هئي.
٥٥٢- اوچتو اها عورت خواجه وٽ آئي - ۽ هن سان ڳالهائيندي عورت آه پري.
٥٥٣- اي مرد، خدا مونکان هي ۽ حال سڻ - خدا تنهنجي ڪم ۾ لڳل آهي ۽ تون ڪاڏي وڃين ٿو.
٥٥٤- هن سنڌي زبان ۾ بيت چيو - جو اوهانجي اڳيان ظاهر ڪجي ٿو.
٥٥٥- ڇري ڪري بصري ڪري ٿا نانهن؛
وڃي پرائي وهانئن؛ تنهنجو هينئڙو تان هين ٿيو.

---

*ڪوٽڙي ۽ ڏيون جاڳوٺ تعلقه ڪندرياري ۾ آهن.

۵۵۶- جيان گهڻي جڳ ۾، پر جم نہ جٺن ڏي؛
باب پڙهج بي؛ هج آلودو الف سان.

۵۵۷- ور سان وڃهيون ڪاڻ؛ خَرَ سان ڪليو سمهين،
آڌل هيءَ اهڃاڻ، جو ڪڻ ڇڏي لہ ابر ين.

۵۵۸- هيءَ ٻـڌي خواجہ بيخود ٿي ويـو - پوءِ ٿي موٽي هـو حق جـو عاشق ٿيو.

۵۵۹- دستار مٿي تان لاٿائين - محبت جي مٺي خانہ منجهان سرڪي چڪيائين.

۵۶۰- جهنگل ۾ اچي تنهائي اختيار ڪيائين - محبت ڪان ٻي سڀ ڳالهہ ڪان منهن مٽيائين.

۵۶۱- هن چاليهہ چلا (۱) انهيءَ غار ۾ گذاريا - تنهن بعد شاه عبدالله (۲) جن اتي وارد ٿيا.

۵۶۲- خواجہ هن جو دست بيعت ٿيو- جنهن مڪان لامڪان جو ڪشف هنتي عطا ڪيو.

۵۶۳- الله جي وحدت جو راز هنتي ڪوليائين- هن جي دل الله جي حسن ڏانهن رجوع ڪيائين.

۵۶۴- اي پٽ اهـو وڏي مردانگي جـو ڪم هيو - جو هن ڪيو ۽ ٻيو ڪو ڪري نٿي سگهيو.

۵۶۵- اهو عبدالله اسانجو سردار آهي- اهو اسانجو هر قدم تي مددگار آهي.

۵۶۶- اهو پيرن ڪان مٿي ڏاڻين نور هيو- حضرت عيسيٰ وانگر مئا جيئرا ڪري ٿي سگهيو.

۵۶۷- خضر الهيءَ درگاه جو فيض حاصل ڪندڙ آهي - ٻيا سڀ سپاهي هيا ۽ هيءَ شاه هو.

---

(۱) چاليهہ چلا معنيٰ چار سال پنج مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن.
(۲) شاه عبيدالله جيلاني - حضرت محبوب سبحاني جو پوٽو هيو.

٥٦٨- سؤ دارا ۽ خاقان هن جا نوڪر هيا. ڪيقباد، جمشيد ۽ خسرو هن جا چاڪر هيا.

٥٦٩- سڪندر هن جي در جو دربان هيو. هن جي سر تي شاهنشاهي چٽ رکيل هو.

٥٧٠- جنيد ۽ شبلي هنجي گهوڙي جي واڳ جهلو هيا. بايزيد ۽ ذوالنون هن جا وزير هيا.

٥٧١- هرهڪ ملائڪ سندس تعريف تي ڪئي - هر هڪ غوث ۽ قطب سندس توصيف تي ڪئي.

٥٧٢- هو حضرت محمد مصطفيٰ جي اولاد هو - هن جو ڏاڏو زماني قطب مرتضيٰ علي رضه هو.

٥٧٣- شاه عبيدالله سمورو نور آهي - خواجه محمد حافظ منهنجو راه نما آهي.

٥٧٤- شاه عبيدالله دين جي بتي آهي - خواجه محمد حافظ الله جو دوست آهي.

٥٧٥- شاه عبيدالله وڏي شان وارو آهي. خواجه محمد حافظ راز نياز جو مالڪ آهي.

٥٧٦- پير عبدالحق سخا جو درياه آهي. جنهن سڀ ڪنهن تي گنج جو دروازو کوليو.

٥٧٧- پير عبدالحق منهنجو مرشد آهي. ولايت منجهه هن جو وڏو رتبو آهي.

٥٧٨- هن جي تعريف مان ڪري نه سگهندس. جيڪي هيو سو ظاهر ڪري ٻڌايم هيئنر اسلام.

٥٧٩- ابهي سڀ نالا انهيءَ هڪ جا آهن. هڪ هو، هڪ هو انهن نه ڪو شڪ هو.

٥٨٠- هڪ الف منجهان سؤ نالا ٿا نهن. هڪ الف منجهان سؤ شيون نهن ٿيون.

٥٨١- الف کي ھٿ ڪر، ب- ت نہ پڑھہ- ب ت ۽ت آهي ايها معنيٰ سمجھہ.
٥٨٢- الف منجهان سؤ باب پيدا ٿيا- هڪدفعو تون آداب کي ڇڏيڏي.
٥٨٣- جڏهن وحدت آئي تہ آداب جو سر پکو- هن جي تاب کان ادب هاهو ويو.
٥٨٤- جڏهن وحدت آئي تہ ادب جو پکي اڏامي ويو- هن جوش ۾ اچي پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا.
٥٨٥- ادب جي وچن کانپوءِ وحدت ايندي- ۽ فعال لما يريد(١) سان رابطو ٿي ويو.
٥٨٦- ادب ٻائي آهي وحدت موتي آهي- بي بها موتي وٽ مرد ٿيءُ.
٥٨٧- الله جي اسم کانسواءِ پيو سڀ بي حاصل آهي- ورد وظائف ۾ ڪاهلي آهي.
٥٨٨- ورد ڇڏ الله جو اسم وٺ- پيو ڪجھہ نہ گهول صد بار الله جو اسم پيو پڑھہ.
٥٨٩- اي پٽ ورد وظائف ڇڏ-تو ٻاڪي بي خبر ڇو ڪيو آهي.
٥٩٠- هيءَ سٽر سمجھہ ۽ ٿيءُ با خبر - وظيفن تي نگاه بہ نہ ڌر.
٥٩١- تون پنهنجو سمورو ڌيان انهي فڪرات ڏانهن ڌر- ٻي سڀ لذت ترڪ ڪر.
٥٩٢- اي دوست سدائي فڪر ۾ هج- تہ وحدت جي راز کان آگاه ٿئين.
٥٩٣- تون نہ آهين تون نہ آهين- سڀ ڪجھہ هو آهي تون دوئي دور ڪر.
٥٩٤- "قل هو الله احد"(٢) کي يقين سان سمجھہ- الله الصمد جي معنيٰ سمجھہ.

---

(١) فعال لما يريد. الله جي وصف آهي- معنيٰ: جو چاهي سو ڪري.

(٢) قل هو الله احد الله الصمد- هيءَ قرآن شريف جي آيت آهي. هن معلم اعظم قرآن شريف جي معنيٰ کهڙي نہ صاف ٻڌائي آهي تہ الله هڪ آهي.

٥٩٥- (الف) مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان- انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان ته مان ڇا آهيان.

٥٩٦- مان کڻو پڇايو آهي ته دنيا ۾ جيڪي ڏسين ٿو- اي دوست انکي سارو عشق سمجھ.

٥٩٧- عشق آهو انا الحق جي رمز ظاهر ٿي- انهيءَ وقت کان زماني جو اجتماع مفيد ٿي ويو.

٥٩٧- عشق آيو اسم حق اثبات ٿيو. شاه اوڏانهن رخ رکيو ۽ جڳ ساري کي مات ڪيو.

٥٩٨- عاشقي نهايت اعليٰ درجه آهي- تنهنڪري پنهنجي جسم کان آزاد ٿيءُ.

٥٩٩- حق جي وصل جي شراب کي پيئڻ گهرجي- ڳجهن رازن رمزن کي کولهڻ گهرجي.

٦٠٠- اڪليداس نالي هڪ دردمند هو- هو الله جي عشق ۾ مستغرق هو.

٦٠١- هن جو پهريون نالو محمد عاقل هو - هن مئي جو جام نوش ڪيو هو.

٦٠٢- هن وحدت جو راز سمجهي ورتو هو. الله سان گڏ هجڻ جي راز کي سڃاتو هو.

٦٠٣- هن پنهنجي ڳچيءَ ۾ جيڏو پاتو هو- ميني عالمن اهو اجوال پڌو هو.

٦٠٤- جڏهن اها خبر قاضين پڌي- ته قاضي، ملان ۽ مفتي سڀ اچي ڪٺا ٿيا.

٦٠٥- تنهن کانپوءِ هو اچي هنجي پٺيان پيا- هنکي اچي بي آرامي لڳي.

٦٠٦- هڪ سالڪ انهيءَ فقير وٽ آيو- ۽ اچي ڪيس چيو ته اي محبوب جي زلف جا اسير.

٦٠٧- قاضي ملان سڀ اچي گڏ ٿيا آهن- هو اوهانجي سر وڍڻ جي طمع ۾ آهن.

٦٠٨- عاشق آه پرِي جواب ڏنو تہ هي تون چا ٿو چوين چؤ " هل من مزيد" يعني اڃا وڌيڪ تمنا جو اظهار ڪر.
٦٠٩- جيڪڏهن اوهان کي عشق جي خبر هجي تہ هن پر خطر راه جمکر مرتد ٿي وڃو.
٦١٠- اسان عشق جي تلوار چيلهہ سان ٻڌي آهي- جيستائين عشق جي صوري حقيقت معلوم نہ ٿيندي تيستائين انکي ڏار نہ ڪيو.
٦١١- محبوب ازلي جي عشق جي ترار ڪمر سان ٻڌي آهي- ۽ مستقل جي خيالن کان فارغ ٿيو آهيان.
٦١٢- مان جانيءَ جي راه ۾ سر قربان ڪيان ٿو- عالمن کي هن خبر کان حيران ڪيان ٿو.
٦١٣- يار جي راه ۾ قربان ٿيان- تہ محبوب جو وڃي مهمان ٿيان.
٦١٤- منصور وانگر مان هن جو عشق فاش ڪيان ٿو- عشق سردار آهي ان ڪري سر سولي تي ڏريان ٿو.
٦١٥- جنهن تي عاشق جو نالو پيو تنهن جو سرچڻ سوليءَ تي چڙهيو
٦١٦- منهنجي دل ۾ غم جو درياه آهي جو چولين تي چوليون هڻي ٿو
٦١٧- عشق جيڪر منهنجي رت هاري تہ خوش ٿيان- هن عشق جي ترار عاشقن کي ڪهي ٿي.
٦١٨- سر وڃي هن راه ۾ تہ وڃڻ ڏي- مگر هن جو راز رموز هن زبان مان ظاهر ضرور ٿي.
٦١٩- جيڪي منهنجي دل گهري ٿي سو ڪيان ٿو- محبوب جي خاطر جان فدا ڪيان ٿو.
٦٢٠- اوچتو ملان جو غوغاءُ ٿيو- عاشق ٻڌي گهڻو خوش ٿيو.
٦٢١- هن اٿي هنن جي مرحبا ڪئي- مرحبا ڪئي- مرحبا ڪئي.
٦٢٢- اي ملان مفتي پلي ڪري آيؤ- جو مون لاءِ حڪم هجي تنهن جي پل ڪوشش ڪيو.
٦٢٣- جيڪڏهن شرح مونکي قتل ڪرڻ جو حڪم ٿي ڏئي- تہ جلد ڪيو تہ هيءُ هستيءَ جو قلعہ ڍهي.

٦٢٤- عالم مفتي حيران ٿي ويا - ڪڏهن رنا ٿي ته ڪڏهن غصي ٿي ٿيا.

٦٢٥- ملن چيو ته هنکي اهو تعزير ڏيو - هو هن جو منهن ڪارو ڪري خوار ڪيو.

٦٢٦- انهيءَ ديواني کي گڏه تي چاڙهيائون - ۽ مٽي جي مٺ پري هنکي هنيائون.

٦٢٧- ساري جهان ۾ واويلا مچي ويئي - ان گوڙ ۾ ڳجهندڙ شينهن اٿي ڪڙو ٿيو.

٦٢٨- سڀني ماڻهن هنکي طعنا ٿي هنيا - ۽ سڀني ماڻهن هنکي ڪڙا ٿي هنيا.

٦٢٩- جنهن ڏاند تي سوار ٿي آيو هو - تنهن کي ڪهي سڀڪنهن هن جو گوشت کاڌو.

٦٣٠- عاشق هنکي چيو ته خبردار ٿيو - اي ملا. توبه توبه ڪيو.

٦٣١- جيڪو منهنجي ڏاند جو گوشت کائيندو - سو يڪ چاڙو ته مرندو.

٦٣٢- انهن جي مٿان اوچتي ترار ايندي - ۽ سڀني قاضن ملن کي قتل ڪندي

٦٣٣- پوءِ هنن هن شير کي ڇڏي ڏنو - پوءِ سڀئي اتان جلدي اٿي ڪڙا ٿيا.

٦٣٤- ڏاند جو گوشت هڪ سؤ چاليهن ماڻهن کاڌو هو - انهيءَ ڳالهه کان سڀڪو باخبر هو.

٦٣٥- يڪدم انهن جي مٿان ترار نازل ٿي - جنهن گوشت کاڌو هو تنهن جي سسي ڌڙ کان ڌار ٿي.

٦٣٦- سڀ ملا مفتي کسجي ويا - هيءُ عاشق وڃي حق سان گڏيو.

٦٣٧- مان هنجي راه ۾ گهڻو ڏي پڌايو - مگر مونکي جهان ۾ پڌڻ وارو نظر نه آيو.

٦٣٨- مان هنجو گهڻو ڳجهه ظاهر ڪيو - مگر افسوس جو ڪم فهم ماڻهن کي ٿي ۾ نه ويٺو.

٦٣٩- اي ياءُ مان ڪيترو پڌايان اوهانکي ڪلام - ٿو ڪريان پورو سخن هي والسلام.

٦٤٠- افسوس عاشق سڀ هليا ويا - مگر مان هت رهجي ويس.

٦٤١- مون لاء افسوس آهي جو عاشق هليا ويا- مون لاء ڳالهه رهجي وئي عاشق لڏی ويا.

٦٤٢- عاشق لڏي ويا مان ڦرندو رهان - ۽ عاشقن لاء حيران هان.

٦٤٣- عاشق لڏي ويا مان حيران آهيان - مان انهن لاء ٿو روئان رڙان.

٦٤٤- عاشق وڃي پنهنجي يار سان مليا - مان يار کان سواء هت اڪيلو رهجي ويس.

٦٤٥- عاشق لڏي ويا مون مون لاء هاء هاء - منهنجي هن حال تي آهي واه واه.

٦٤٦- عاشق لڏي ويا مان ماندو آهيان - هو هليا ويا مان رهيو پيو آهيان.

٦٤٧- عاشق لڏي ويا مان بيچاره آهيان- عاشق لڏی ويا مان آواره آهيان.

٦٤٨- جي عاشق ويا سي هن جهان کان ڇٽا - بقا واري جهان ۾ هنن کي سڪون مليو.

٦٤٩- مان انهيءَ لاء ڪهڙيون دانهون ڪيون - دانهون ڪيون دانهون ڪيون صد دانهون ڪيون.

٦٥٠- انهن جي درد منهنجي دل کي دلگير ڪيو آهي - انهن جي مذڪور مونکي متاثر ڪيو آهي.

٦٥١- مونکي انهن لاء فراق تي ٻيلو آهي - ۽ انهن لاء اشتياق تي ٻيلو آهي.

٦٥٢- حقيقت ۾ عاشق انجي راه تي مستقيم آهن - ۽ پيا انجي درگاه جا محتاج آهن.

٦٥٣- اي پٽ تون درد سرنگاه ڪر - تہ تون انهيءَ راز کان واقف ٿئين.

٦٥٤- منهنجو مرشد پير عبدالحق پس - جو هزارن الاهي اسرارن جو مالڪ آهي.

٦٥٥- هن الله وٽان هزارين حڪمتون حاصل ڪيون آهن - هر زماني ۾ نيون طرزون حاصل ڪيون آهن.

٦٥٦- هن ڪيترن کي الله جي راه ڏيکاري - ۽ ڪيترن کي الله جا راز سمجهايا.

٦٥٧- هن ڪيترن کي فقيري جام بخشيو. ۽ ڪيترن کي زر جو خونچو عطا ڪيو.

٦٥٨- هو ذات پاڪ عشق جو مجسم آهي - ايها رکو انهن کي خبر آهي، جن کي حق جي آيتن جي حقيقت معلوم آهي.

٦٥٩- الله ڪيترن ئي صفتن ۾ اظهر آهي- پيو نمبر ڪونهي سڀ هن جو مظهر آهي.

٦٦٠- هن کي پنهي جهانن جي بادشاهي ۽ بزرگي مليل آهي- هن جو هر هنڌ طبل لڳل آهي.

٦٦١- هو درويشن جو رهنما هو- ۽ دلريشن جو مرهم بخش هو.

٦٦٢- مان جهڙا هن جا ڪيترا مريد هئا- سيني هنتان تن من قربان ٿي ڪيا.

٦٦٣- هن سلطان دين کي پنج فرزند تولد ٿيا- جي تحقيق دين حق جا شائق هئا.

٦٦٤- سندن صفت بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي- هو ساري دنيا ۾ مشهور آهن.

٦٦٥- مرحبا سندس مسند تي پهريون سخي قبول محمد ويٺو- جو حق سان واصل هو.

٦٦٦- هو حقيقت ۽ معرفت جي گوهر سان پرهو- هي مان تلقيد طور نه مگر حقيقت بيان ڪيان ٿو.

٦٦٧- هو هميشه معرفت جي ذڪر فڪر ۾ هو- هن کي دين ۾ صفت حاصل هئي.

٦٦٨- اهو پير روشن ضمير منهنجو پيشوا آهي- جو حضرت محمد مصطفيٰ ۽ علي المرتضيٰ جو دوست آهي.

٦٦٩- هو پير اولياء اصفيا آهن- جهانن جو پير ۽ الله جو خاص بندو آهي.

٦٧٠- ٻئي جهان هن جي اڳيان قطره جي مثال آهن- عرش ۽ ڪرسي هن جي اڳيان ذره جي مثال آهي.

٦٧١- هو اسرارن جو گنج فقيري صورت ۾ آهي- معنيٰ جو گجهه ۽ بي‌نظير بزرگ آهي.

٦٧٢- اسم صاحبزادي ٻي باصفا جو- زين العابدين آهي جو پيشوائن جي زينت آهي.

٦٧٣- اهو هڪ هو، هڪ هو، هڪ هو- تون پڻ هن کي هڪ ڪري سمجهه.

٦٧٤- ٽين فرزند جو نالو دين‌محمد هو- هو عشق جي سلوڪ جو رهنما هو.

٦٧٥- چوٿون نمبر ولي محمد هو- هو عاشق صادق فخر زمان هو.

٦٧٦- پنجين جو نالو خداداد هو- هر هڪ کي عشق محبت نصيب ٿيو.

٦٧٧- اهي سڀ نالا هڪ اسم مان نڪتل آهن- اهي هڪ هوا هڪ هوا لا شڪ هوا.

٦٧٨- اهي سڀيئي هڪ منجهان آيل هوا اتي. عقل حيران ٿي وڃي ٿو.

٦٧٩- اهي هڪ منجهان آيا هڪ منجهان آيا- انهيءَ معنيٰ ۾ ڪو شڪ نه آهي-

٦٨٠- اها ڪثرت وحدت آهي- جيڪڏهن تو کي اعتبار آهي ته وحدت ڪثرت آهي.

٦٨١- هن جاءِ تي قلم جو سر ڀڄي پيو- جيڪي لکڻو هيو سو لکجي‌ويو.

٦٨٢ ”خدائي“ سندس دروازي جو هڪ آهي غلام- رازنامه پورو ٿيو والسلام.

٦٨٣- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان- انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان ته مان ڇا آهيان.

٦٨٤- وري پيهر مان هنجو حڪم پڌايان ٿو- اي.طالب مونکي هيءَ اتان حڪم مليو آهي.

٦٨٥- چؤ پلي هي مختصر ڪلام- ته ان مان عام و خاص کي ٿئي فائدو تمام.

٦٨٦- مان هي نامو ظاهر ڪيو آهي- ان کي مان پنهنجي خون سان تر ڪيو آهي.

٦٨٧- مان هنجي عشق جو اسرار ڪيان ٿو ظاهر- منهنجي زبان ۽ دل تي هنجو نالو آهي اظهر.

٦٨٨- بدي کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪي ڪرڻ جي قوت الله جي طرف کان آهي- منهنجو هر فعل ۽ حرڪت الله جي طرف کان آهي *

٦٨٩- سندس راز رموز کولي ڏاه ائين يار آه مون کي چيو- جو راز هن عام کان هو مخفي رکيو.

٦٩٠- ڪجهه ڏينهن گفتگو کان صبر رهيو- مگر او چتو دل جي ديڳ جوش کاڌو.

٦٩١- فرض سنت مستحب سيڪنهن ورتو- ۽ نفل ۽ واجب سڀ ڪنهن هٿ ڪيو.

٦٩٢- هرڪو قرآن حفظ ڪري ٿو- مگر وظيفن پڙهڻ سان الله نه ملندو.

٦٩٣- ڪتاب پڙهڻ سان هنکي درجه ملڻ جي اميد آهي- هو ثواب ملڻ ۾ مبتلا آهي.

٦٩٤- پنهنجي نفس کي ترڪ ڪر- الله جي رستي ڏانهن اچ- الله جي راه ۾ جسم کي فنا ڪر.

٦٩٥- اي فقير هي بيان مونکان سڻ- سندس عشق منهنجي دل ۾ جائگهر ٿيو آهي.

٦٩٦- جيڪو احوال مان ڪيان ٿو سو برابر آهي- هن احوال کان سواء ٻيو سڀ ڪوڙ آهي.

٦٩٧- مان دينداري کي ڇڏي ڏنو آهي- ۽ ٻن ساماني کي ڇڏي ڏنو آهي.

---

* ولا حول ولا قوت الا بالله العلي العظيم- (قرآن)

معنيٰ- (گناهن کان بچڻ) جي طاقت ۽ (عبادت طرف راغب هجڻ جي) قوت الله جي طرف کان آهي جو بزرگي ۽ عظمت وارو آهي.

٦٩٨- ڪنهنکي بہ منهنجي حال جي ڪيفيت نہ آهي- منهنجو حال قال سڀ هڪ ٿيو آهي۔

٦٩٩- زهد علم قيل و قال سڀ وسري ويو- ساري جهان کان منهن جي دل جو رخ ڦري ويو۔

٧٠٠- سو ورق سو جلد ساڙي ڇڏ - اي خدائي سڀ ڳالهہ وساري ڇڏ

٧٠١- عقل علم دل جان سڀ فريب آهي- اهو مونکي غيب کان الهام ٿيل آهي۔

٧٠٢- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان- انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان تہ مان ڇا آهيان۔

٧٠٣- اي پٽ تون ڪهڙي فڪر ۾ غلطان آهين- ۽ ڇو پنهنجي دل سوهن تصويرون ڄمايون اٿئي۔

٧٠٤- پيريءَ ۽ جواني جون ڪئي شڪليون- تون خواب ۾ پيو ٿو ڏسين۔

٧٠٥- مگر جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿئين ٿو- تہ تون پنهنجي جاءِ تي رهين ٿو ۽ شڪليون غائب ٿي وڃن ٿيون۔

٧٠٦- تهڙي طرح هي صورتون سڀ خواب جي دنيا جون آهن- تون اعتبار ڪر تہ حقيقت ۾ هي ڪجهہ نہ آهن۔

٧٠٧- اي پٽ اهي صورتون سڀ فاني آهن- ۽ فاني شين کان دل کي دور رک ۔

٧٠٨- تنهنجي صورت بہ انهن صورتن وانگر آهي- جيڪي تہ و خواب ۾ ڏٺيون جي فاني هيون۔

٧٠٩- تون پاڻکي حقيقي طرح پاڪ ڪر- انهي نازڪ راهہ جي رک تون خبر۔

٧١٠- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان- انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان تہ مان ڇا آهيان۔

۱۱- تون اسم ذاتي جو ذڪر ڪر. ذڪر ڪھڻو ڪر پوءِ فڪر ڪر*

۱۲- ذڪر سمجھہ تہ صد سپاہ آھي. ۽ فڪر دل جو بادشاہ آھي.

۱۳- بادشاہ لشڪر کانسواءِ لاچار آھي. لشڪر بادشاہ کانسواءِ بيڪار آھي.

۱۴- بادشاہ لاءِ لشڪر عزت جلال آھي. مونکان پڇو تہ اھو خاصو خيال آھي.

۱۵- ذڪر ڪر جو توکان پاڻ وسري وڃي. پنھنجو جسم ٻئ توکان وسري وڃي.

۱۶- خدا جي معرفت کان سواءِ ٻي ڪا معرفت نہ آھي. پوءِ يقين ڪر تہ سڀ خدا آھي.

(ھي وحدت الوجود ڏانھن اشارو آھي)

۱۷- وساري نہ ويھہ خدا ياد ڪر. خدا ياد ڪندين تہ توکان غلطي نہ ٿيندي.

۱۸- مان ڪير آھيان، مان ڪير آھيان، مان ڪہر آھيان. انھيءَ حيرت ۾ حيران آھيان تہ مان ڇا آھيان.

۱۹- خلق جي ھجوم کان ڪنارو ڪر. اي فقير مرد رياضت ۾ گذار

۲۰- گوشہ نشيني اختيار ڪر ۽ خلوت ۾ ويھہ. تہ خلوت منجھان ذات حق کي رسين.

۲۱- ڀھرياڻين تون اڪيلائي ۾ رھہ. گشت ڇڏي تنھائي ۾ رھہ.

۲۲- پنھنجي وجود جي باغ جو تماشو ڏس. تہ عالم شھود جي حقيقت توتي ظاھر ٿئي.

۲۳- تون نہ آھين سمورو يار آھي. تون نہ آھين سمورو يار آھي.

۲۴- ھيءَ سموري آھي ھن جي ھستي. اناالحق جو نعرو ھن تون ظاھري.

۲۵- مان ڪير آھيان، مان ڪير آھيان، مان ڪير آھيان. انھيءَ حيرت ۾ حيران آھيان تہ مان ڇا آھيان.

---

* فڪر معنيٰ مرشد جو تصور، ذڪر معنيٰ قلبي ذڪر، ذڪر ۽ فڪر اھل الله جو وظيفو آھي.

٢٢٦- هڪ دم منجهان تون ٻن دمن ۾ آئين. ٻن دمن جي ڪري هت غم [illegible]
۾ آئين.

٢٢٧- ٻن دمن کي ڇڏي وٺ هڪ دم. ته وحدت جي رمز کان ٿئين [illegible]
راز محرم.

٢٢٨- ٻن دمن منجهان هڪ دم غنيمت آهي. انهيءَ راز کان هرڪو [illegible]
واقف آهي.

٢٢٩- هيٺ هو آهي مٿي هو آهي ايها ڳالهه سمجهه. زير بالا هو هڪ [illegible]
آهي ايها ڳالهه سمجهه.

٢٣٠- جڏهن ڪفر ۽ ايمان هڪ ٿيندا. تڏهن نيڪي بدي هڪ ٿيندا [illegible]

٢٣١- جڏهن تون نيڪيءَ بديءَ ۾ ٻيٺو آهين. ڇاڻ ته اندي طريقي تي [illegible]
ٻيٺو آهين.

٢٣٢- جڏهن خدا آهي باطني ۽ظاهري. نيڪي بدي ٻڌاء پوء ڪاٿي رهي.

٢٣٣- تون ٻاڪي ٿو ڇاڻين پر تون آهين ڪٿائين؟- هر هنڌ يار جو آهي [illegible]
سير سدائين.

٢٣٤- مان نه هيءَ آهيان ۽ نه هو آهيان. مگر ٻنهي جهانن کان [illegible]
مٿي آهيان.

٢٣٥- انگوري شراب جو طالب مور نه آهيان. انهي انگوري شراب [illegible]
کان دور آهيان.

٢٣٦- پنهنجي لطف سان هيءَ وحدت جو شراب. ڪيو امداد خواجه [illegible]
عبدالحق شتاب.

٢٣٧- مان ساقي ڪوثر هٿان جام پيتو آهي. جنهن ڪري منهنجو [illegible]
رتبو سڀ کان عالي ٿيو آهي.

٢٣٨- سڀ خيال مان ٻاڻ سان ڪنهو آهي. ۽ منصوري علم مان سکيو آهي [illegible]

٢٣٩- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان. انهيءَ
حيرت ۾ حيران آهيان ته مان ڇا آهيان.

٧٤٠- اي برادر رات ڏينهن پاڻ وٽ سرود موجود رک ۽ هميشه هن جو آواز پيو ٻڌ.

٧٤١- سرود فراق کان ڇا ٿو چوي؟ جيڪڏهن توکي اشتياق آهي ته ڪن ڏيئي ٻڌ.

٧٤٢- اهو سرود ڏاج آهي عاشق جو. ٻڌندا اهي جنکي شوق آهي مشتاقن جو.

٧٤٣- جيڪڏهن تون عاشق آهي ته روز سرود ٻڌ. ته يار سان سنت وچي واصل ٿيندين.

٧٤٤- سماع اوليائن جو معراج آهي. اي پرهيزگار تون رات ڏينهن ٻڌ.

٧٤٥- اي پٽ سماع منجهان مستي پيدا ٿئي ٿي. ۽ ٻيون ڳالهيون سڀ وسري وڃن ٿيون.

٧٤٦- هيءَ پنهنجي اختيار ۽ حقيقت جو ڪم نه آهي. هيءَ طريقو خدا جي خاص مهرباني ۽ وهب آهي.

٧٤٧- غير خيال سڀ نڪري وڃي ٿو. ۽ ڪک جيترو به غير نٿو رهي.

٧٤٨- سماع عاشقن لاءِ ڏاکڻ آهي. پر صادقن ۽ طالبن لاءِ ڏاکڻ آهي.

٧٤٩- سماع ۽ درد دل کان غافل نه ٿيءُ. رات ڏينهن سرود ٻڌ سست نه ٿيءُ.

٧٥٠- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان. انهي حيرت ۾ حيران آهيان ته مان ڇا آهيان.

٧٥١- مان يار جي هٿ ۾ هڪ تنبورو آهيان. جو هنکي جيئن وڻي ٿو تيئن پيو ٿو وڄائي.

٧٥٢- ان منجهان سؤ نغمه ٻڌجن ٿا. خيال سان ٻڌ جيڪي هو چوي ٿو.

٧٥٣- هن منجهان سوز گداز جا نغمه ظاهر ٿين ٿا. ۽ قسمين قسمين آواز اندران ظاهر ٿين ٿا.

٧٥٤- مراد يار جي هٿ جي جنبش کان. سمورا اسرار ظاهر ڪري ٿي.

٥٥٥- ڪڏهن حجرجا ڪڏهن وصال جا آواز ڪيدي ٿي. ڪڏهن حال ۾ ڪڏهن مستي ۾ آڻي ٿي.

٥٥٦- الله جي امر کانسواءِ ڪا چيز نہ ٿي چري * اها مام سمجهہ پاڻ کي نہ ڏس پاڻ کي وڃاءِ.

٥٥٧- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان. انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان تہ مان ڇا آهيان.

٥٥٨- هڪڙي ٻيٽ ۾ هڪڙو وڻ هو. انهيءَ عاليٰ قدر وڻ جو نالو صندل هو.

٥٥٩- هو هميشہ خوشبوءِ سان ڀريل هو. هن جون ٽاريون ۽ پن خوشبوءِ سان ڀريل هوا.

٥٦٠- انهيءَ جي ڀرسان ٻيا بہ وڻ هيا. ٻير ٻير ۽ ڪبڙ هيا بي انتها.

٥٦١- جڏهن اتي هوا گهلي ٿي. تہ انجي خوشبوءِ جو اثر سڀ وڻن ۾ پيدا ٿئي ٿو.

٥٦٢- مون کان پڇين تہ سڀ وڻ صندل ٿي ويا. بلڪ صندل جي اثر سبب صندل ٿي ويا.

٥٦٣- ٻيا سڀ وڻ هنجي نالي ۾ سمائجي ويا. ۽ انهن جا نالا ئي گم ٿي ويا.

٥٦٤- هر هڪ وڻ صندل جي نالي ۾ اچي ويو. ۽ سڀڪنهن ۾ اها خوشبوءِ سمائجي ويئي.

٥٦٥- هي صندل جو وڻ گونچن سان ڀر هو. گلن ۾ن سبب ڪلبل نہ هو.

٥٦٦- جيڪو ات ويندو ان کي سر جو خوف هوندو. بلڪ ان جو سر صفا لهي ويندو.

٥٦٧- سڀڪا شيءِ انجي صورت آهي. اهو مڪان لا مڪان آهي.

٥٦٨- اي ٻٽ جيڪڏهن تون پاڻ وساربن. تہ يقين سان انا الحق جو نعرو هڻ.

---

* لا تحرڪ ذرة الا باذن الله (قرآن) الله جي امر کانسواءِ ڪا چيز چري نہ ٿي سگهي.

٧٦٩- تون حق آهين متي جو پتلو نہ آهين. تون قائم آهين فنا نہ آهين.

٧٧٠- جڏهن هيءُ جسم جهونو ٿي فنا ٿئي ٿو. تڏهن توکي هميشہ لاءِ بقا حاصل ٿيندي.

٧٧١- مان ڪير آهيان؛ مان ڪهڙ آهيان، مان ڪهڙ آهيان. انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان تہ مان ڇا آهيان.

٧٧٢- تون ابليس کي لعنت نہ ڏي. نيڪ ۽ بد وحدت جي درياه ۾ اچل

٧٧٣- تون ان راز کان واقف ٿي ۽ شڪ نہ آڻ. هدايت ڪندڙ ۽ گمراه ڪندڙ هڪ نالو آهي.

٧٧٤- ڪڏهن گمراه ڪندڙ آهي ڪڏهن هدايت ڪندڙ آهي. اها ڪل الهيءَ کي پوندي جو انهيءَ راه ۾ آهي.

٧٧٥- ڪڏهن گمراهي ٿي تہ ڪڏهن هدايت تي عمل ڪري ٿو. ڪڏهن مکڙي آهي تہ ڪڏهن گل آهي.

٧٧٦- مجنون جون اکيون ليليٰ کان دور نہ هيون. هن هميشه هنکي ٿي ڏٺو.

٧٧٧- ليليٰ جي صورت مجنون هو. رات ڏينهن هو انهي صورت تي مشتاق هو.

٧٧٨- ليليٰ کان سواء هن ٻئي طرف نہ ڏٺو. هو انهيءَ تصور ۾ مستغرق هو.

٧٧٩- هن هُن جي رستي ۾ انتظار تي ڪيو. هين هن جي عشق جي درد جي چاٽي چکي هئي.

٧٨٠- ليليٰ کي مجنون بي حجاب ڏٺو. اي هند سُوُ حجاب ۽ نقاب هوا

٧٨١- اي پٽ تون اها رمز سمجھہ. پاڻکي وحدت جي درياه ۾ اچل

٧٨٢- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان؛ مان ڪير آهيان. الهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان تہ مان ڇا آهيان.

٧٨٣- گلابي نالي هڪڙو قلعہ هيو. جو حرات ۽ قندار جي وچ ۾ هيو.

٧٨٤- اهو قلعہ هيو منجھہ ڪوهسار. ظاهر نالو هنجو هيو شمشور غار.

٧٨٥- اهو قلعه نوشيروان بادشاه جو ٺهرايل هيو. قلعه جي اندر طلسم رکيل هو.

٧٨٦- انهيءَ هڪ ٺهه خانو ٺهيل هو - جنهن ۾ اندر هڪ پارس رکيل هيو.

٧٨٧- اتي چار ترارون رکيل هيون. جي انجي چوڌاري جڙيل هيون.

٧٨٨- انهيءَ پيچان پيچ رستي ڏانهن وڃڻ مشڪل هيو. اها نه پڌائڻ جهڙي ڳالهه پڌائي اٿم.

٧٨٩- جيڪڏهن غير حق وارن حق وارو رستو چو طرفو بند ڪيو. عاشق انهيءَ ننگي ترار ڪٺي ميدان ڪار زار ۾ ڪڏي ايندا.

٧٩٠- عاشقن پنهنجو سرڪٽائي پنهنجي محبوب حقيقي اڳيان نذر رکيو. مگر انهيءَ محبوب جي اهو تلاش ڪندو جنهن پاڻ کان ڇوٽڪارو پاتو هوندو.

٧٩١- اي پٽ اتي جسم جي جاء نه آهي. مان توکي سچي حقيقت پڌائي آهي.

٧٩٢- جو اتي پهچندو سو اتي پنهنجو سر ڏيندو. ترار جي وچ ۾ ڪيئن پير رکندو.

٧٩٣- پهلوان اتي قتل ٿي وڃن ٿا. جي اتي پير سر بازو رکن ٿا.

٧٩٤- جيڪو پارس جي ويجهو ويندو. پڪ انجو سر هڪ دفعو لهي ويندو.

٧٩٥- جيڪڏهن مولا جو طالب آهين تهدل. ته انهيءَ راه ۾ سر ڏيڻ کان نه رهه تون غافل.

٧٩٦- هن جان ۽ تن سان خدا ڪيئن ملندو؟ پاڻ کي الله جي راه ۾ فنا ڪرڻو پوندو.

٧٩٧- مان ڪير آهيان؛ مان ڪير آهيان؛ مان ڪير آهيان. انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان ته مان ڇا آهيان.

٧٩٨- سڀڪنهن ۾ اها ذات سمايل آهي. جو آية محيط ۾ پڌايل آهي*

---

* ان الله علي کل شيءِ محيط (قرآن) معني تحقيق الله سڀڪنهن شي ۾ سمايل آهي.

٧٩٩- جڏهن هڪ ڳاڙهي گل جا حسن و ڪمال، پنهنجي پنن منجهان ظاهر ڪري ٿو جمال،

٨٠٠- ساڙو ڳاڙهو ۽ اڇو ڪارو- سون رنگن ۾ ڏيکاري نظارو،

٨٠١- گلن جي پنن کي جڏهن ڪو مهٽيندو. ته ان مان عرق نڪرندو ۽ گل ختم ٿي ويندو.

٨٠٢- گلن جا سمورا پن ختم ٿي وڃن ٿا. انهن مان خوشبودار عرق نڪرن ٿا.

٨٠٣- اهڙي طرح زمين ۽ آسمان جون سموريون وسعتون، انهيءَ محيط ۾ گم ٿي وڃن ٿيون.

٨٠٤- هي سمورو رنگ ۽ جسم بي بقا آهي اها هستي هر هنڌ ڪار فرما آهي.

٨٠٥- اي پٽ جو شخص جڏهن منزل ٿي رسيو. تڏهن انهيءَ منزل جو آهي احوال سليو.

٨٠٦- جيڪي ٻه ڏسين ٿو سو هن جو حسن آهي. اها خبر انکي پوندي جو پاڻ وڃائيندو.

٨٠٧- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان. انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان ته مان ڇا آهيان.

٨٠٨- صوف جي وڻ مان صوف پيدا ٿيندو. انب جي وڻ مان انب پيدا ٿيندو.

٨٠٩- ميوو ۽ وڻ نالو هڪ آهي- وڻ ۽ ميوو ساڳيو اهو شڪ نه آهي.

٨١٠- انسان ۽ رحمان جو نالو هڪ آهي- ڇاڪاڻ ته انسان الله جو ڳجهه آهي*.

٨١١- ليڪن ميوه جي لذت جدا جدا آهي- پن ڪاٺي ۽ شاخ نالو جدا جدا آهي.

---

* لانسان سري و انا سره (حديث) معني انسان الله جو ڳجهه آهي ۽ لله انسان جو ڳجهه آهي.

٨١٢- ميوو وڻ ۾ شاخ کان جدا نہ آهي- وڻ ۾ شاخ ميوه کان جدا نہ آهي.

٨١٣- فنا کي ڇڏي ڏيهان بقا ڏانهن ڏر- مونکان جي پڇين تہ بقا هٿ ڪر.

٨١٤- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان؛ مان ڪير آهيان- انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان تہ مان ڇا آهيان.

٨١٥- هڪڙي پيٽ ۾ هڪڙي درياهي ڳئون رهندي هئي- جڏهن کيس بک لڳندي هئي تہ هيڏانهن هوڏانهن ويندي هئي.

٨١٦- درياه ۾ اها ٽپيون هڻندي هئي- اندران تري مان موتي ڪڍندي هئي.

٨١٧- موتي چنڊ وانگر ٿي چمڪيو- جو هن ڪڏي چراگاه ۾ ٿي رکيو.

٨١٨- اهو اونداهيءَ ۾ پرڀو ٿي- جنهنجي روشني ۾ هن چربو ٿي.

٨١٩- طالب موتيءَ کي جڏهن لهن ٿا- تہ انکي مٽيءَ ۾ لڪائين ٿا.

٨٢٠- روشنيءَ کان جڏهن وري ڦري انڌيرو ٿيو ٿي- ڳئون چوڌاري حيران ڦري ٿي.

٨٢١- هو انهيءَ موتيءَ لاءِ حيران هئي- اي طالب هي ڳالهه ڪن ڏيئي ٻڌ.

٨٢٢- اها انهيءَ ڳئون جي نادانيءَ هئي- جو موتي مٽيءَ مان نہ ٿي ڪڍيائين ۽ ٻي طرف ٿي ڦري.

٨٢٣- هن مٽيءَ ڏانهن نہ ٿي ڏٺو- جتي اهو موتي رکيل هيو.

٨٢٤- وري درياه ۾ اندر ٿي ويئي- ۽ پيو موتي ڪڍيو ٿي آئي.

٨٢٥- اي پٽ! اهو قصو خيال سان سڻج تون ڳئون وانگر بي خبر نہ ٿيج.

٨٢٦- هن مٽيءَ جي بوتيءَ کي جيڪڏهن ڪرين دور- تہ ڏسين تون ان ۾ شاهنشاهہ جو ظهور.

٨٢٧- اي پٽ ڪٻي ۽ سڄي ڇو ٿو ڦيرين- سا ڳڇو سو تون آهين پيو ڇا ٿو ڳهرين.

٨٢٨- مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان- انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان تہ مان ڇا آهيان.

۸۳۰- ليٽ درياه کان ذڪري جدا ٿئي ٿي- ۽ ھر ڏاڍيون ڇوليون ھٽي ٿي.

۸۳۱- ھوءَ دم ھٽي ٿي تہ مان درياه آھيان- اھي ڇوليون سون منجھان ٿين ٿيون پيدا.

۸۳۲- ھن جيڪي ڇھو سو سچ ٿي ڇيو- جو اھو دم لھرن منجھان پيدا ٿيو.

۸۳۳- درياھہ کان جدا ٿي تہ انتي ليٽ نالو پيو- ورنہ ھو اصل درياه ھو.

۸۳۴- ليٽ ۽ درياه ٻئي ھڪ آھن- مگر ڪڏھن ليٽ نالو ڪڏھن درياه سڏائن.

۸۳۵- ڪڏھن پنھنجو ڦيرو ٿيو تہ ڪڏھن پاڻي ٿيو- ڪڏھن چشمو ڪڏھن گرداب ٿيو.

۸۳۶- مان ڪير آھيان؛ مان ڪھڙ آھيان، مان ڪير آھيان- انھيءَ حيرت ۾ حيران آھيان تہ مان ڇا آھيان.

۸۳۷- ڪڏھن مان خدائي دم ھڻان ٿو- ڪڏھن مان گدائي دم ھڻان ٿو.

۸۳۸- جڏھن مان جسم ۾ آھيان تہ گدا آھيان- جڏھن جسم کي ڇڏيان ٿو تہ خود خدا آھيان.

۸۳۹- انھيءَ وقت دم مٿي پرواز ڪري ٿو- مستيءَ کان سر اوچو ٿئي ٿو.

۸۴۰- مان دم نہ آھيان اھو دمآھي پاڪ ذات- اتي ٿئي وڃي ٿي ڪلڏي طلسمات.

۸۴۱- اتي نہ ڏينھن نہ رات نہ زمين آسمان. نہ حسب نسب جو ڪو نالو نشان.

۸۴۲- نہ مصلو نہ تسبيح نہ ڪو ڪتاب- انھيءَ حال ۾ نہ گناه نہ ڪو ثواب.

۸۴۳- نہ اميد نہ خوف نہ شڪ نہ يقين اٿم- نہ ڪفر نہ مذھب نہ ايمان نہ دين اٿم.

٨٤٤- نہ خوشي نہ غم نہ دل نہ تن ۔ نہ ذڪر نہ فڪر نہ زمين نہ زمن ۔

٨٤٥- نہ سجدو نہ رڪوع نہ قعود نہ قيام ۔ نہ صلاح نہ ورد نہ صبح نہ شام ۔

٨٤٦- نہ دوکو نہ لالچ مڪاري ۔ نہ منزل لاهوت ۽ چاڙهن واري ۔

٨٤٧- نہ ويجهو نہ پري نہ وڇوڙو وصال ۔ نڪو ات تصور نڪو ڪي خيال ۔

٨٤٨- نہ حڪايت نہ شڪايت نہ ڪوئي بيان ۔ نہ شروع نہ رجوع نہ ڪوئي گمان ۔

٨٤٩- نہ زبان نہ قلب نہ ڪوئي وجود ۔ نہ سخاوت نہ عبادت ۽ نہ ڪوئي قعود ۔

٨٥٠- نہ مسجد نہ مندر نہ ديول گرجا ۔ نہ ورد نہ وظائف نہ ڪو امام ۔

٨٥١- نہ سج نہ چنڊ نہ تارو نہ برج ۔ نہ تون نہ مان نہ مٿي نہ هيٺ ۔

٨٥٢- نہ ڪشف قلوب نہ ڪشف قبور ۔ نہ ڪرامت نہ ڪرشمو نہ حڪومت نہ حضور ۔

٨٥٣- نہ سلام عليڪم نہ وعليڪم سلام ۔ نہ نيڪي نہ بدي نڪو ڪو ڪلام ۔

٨٥٤- حج جي زيارت دولت مان ملي سگهي ٿي ۔ اتي نہ عقل ڪم اچي ۽ نہ تدبير هلي ٿي ۔

٨٥٥- جڏهن مان پاڻ کان جدا ٿيان ٿو ۔ تہ اندر ٻاهر حق پاڪ پسان ٿو ۔

٨٥٦- ڪڏهن ناسوت ۾ آهيان ڪڏهن ملڪوت ۾ ۔ ڪڏهن جبروت ۾ ڪڏهن لاهوت ۾ ۔

٨٥٧- اهي سڀ منهنجا پرواز آهن ۔ منهنجن رازن کان سڀ بي خبر آهن ۔

٨٥٨- علم دعوت اتي ڪم نہ ايندو ۔ اتي نہ بازار ۽ نہ ڪو سودو هوندو ۔

٨٥٩- اتي ٻوء اچي ماڻهو جمع ٿين ٿا ۔ ۽ سڀيئي اچي هنڪي پير سڏن ٿا ۔

٨٦٠- علم تسخيرات کان منهن مٽو موڙ ۔ جيڪڏهن تون الله جو طالب سڏائين ۔

۸۶۱- عشق جي ترار اگهاڙي ڪري مرد ٿي - مرد ٿيءُ-مرد ٿيءُ- درد وارو مرد ٿيءُ.

۸۶۲- شيخي پيري بزرگي الله جي راه نه آهي - اهو باطل خيال ماء هن جو آهي.

۸۶۳- اهو طريقو آهي پيچاني پيچ - جي واقف نه آهين ته هرگز نه وڃ.

۸۶۴- هيءُ راه پيچان پيچ آهي - انهيءُ راهه ڏي اهو ويندو جو هن کان آگاه آهي.

۸۶۵- محمد مصطفيٰ ۾ الله اچي ظهورو ڪيو - ان کان صمورو هي راز ظاهر ٿيو.

۸۶۶- محمد کان چئن ۾ پيدا ٿيو - صدق - عدل - نور ۽ محبت اڻ ميو.

۸۶۷- بيشڪ صديق، عمر، عثمان، علي - پاڻ ۾ هر جگر ۽ هر ذات ۾ آهن روشن ولي.

۸۶۸- اهي چارئي رب جي راز کان واقف آهن - ۽ هميشه حق جي ذڪر ۾ محو آهن.

۸۶۹- جڏهن واقف درياه ۾ اندر گهريو- ته اهو اتي غرق ٿيو ۽ نه واپس وريو.

۸۷۰- نه واقف رهيو- نه درياه رهيو- نه موتي رهيو - مونتي مستيءُ جو خوب حال چڙهيو.

۸۷۱- مان ڪير آهيان؛ مان ڪير آهيان؛ مان ڪيرآهيان- انهيءُ حيرت ۾ حيران آهيان ته مان ڇا آهيان.

۸۷۲- مرد ٿيءُ ڇڏي ڏي هي تعلقات - تنهنجو مقصد نا هي حج ۽ زڪوات.

۸۷۳- مان عبادت ڪي معرفت سمجهان ٿو - ڇا ڪيان جو مان عبادت کان لنگهي ويو آهيان.

۸۷۴- ڪنهنکي خبر نه آهي ته معرفت ڇا آهي - زاهد انکي عبادت چون ٿا.

٨٧٥- عبادت ۾ معرفت جي معنيٰ هڪ آهي - هن لاءِ معرفت وڏو حجاب آهي.

٨٧٦- معرفت انهن لاءِ پردو آهي - حالانڪ عبادت ۽ معرات جي حقيقت هڪ آهي.

٨٧٧- جيڪڏهن تون هوش ۾ آهين ته عبادت ۾ آهين - جيڪڏهن بيخود ٿئين ته معرفت ۾ آهين.

٨٧٨- سنئين وات تي هلڻ ۽ سٺين وات تي بيهڻ مون لاءِ هڪ آهي ۽ سنئين وات تي هلڻ کان سٺين وات تي بيهڻ گهرجي.

٨٧٩- حضرت علي سٺين وات تي هلڻ لاءِ فرمايو آهي - اهو حضرت علي جو الاهي نور سان منور آهي.

٨٨٠- منهنجو خيال اڳي مٿي هيو - هيٺئر وري هيٺ لهي آيو.

٨٨١- اسان موليٰ جي دروازي جي غلامي ڏيندا آهيون. الله جي پيارن اڳيان ڪنڌ نوائيندا آهيون.

٨٨٢- مان مصطفيٰ جي در جو ڪتو آهيان - ۽ محمد مصطفيٰ جو طالب آهيان.

٨٨٣- مان ڪمينو ڪير آهيان جو دعويٰ ڪيان - ۽ دوستي جو دم وبهي هڻان.

٨٨٤- يا رب مونکي بارگاه ۾ پهچاءِ - مان جهڙا ڪيترا سندس خدمت ۾ رهيا.

٨٨٥- مان محمد مصطفيٰ ۽ علي مرتضيٰ جو غلام آهيان - آل رسول سان منهنجي دوستي آهي.

٨٨٦- چارئي يار منهنجا سردار آهن - هڪ دم هڪ جسم ۽ منهنجا سالار آهن.

٨٨٧- چارئي ديندار ۽ خوش صفات آهن - هو هر دم الله جي ذڪر ۾ محو آهن.

٨٨٨- چارئي پاڻ ۾ اقرب ۽ همذات آهن - جسم جان ۽ اسم هڪ ذات آهن.

٨٨٩- چارئي پاڻ ۾ هڪ صلاح ۽ هم اوقات آهن - مٿي ۽ جيڏري انهن جا تعلقات آهن.

٨٩٠- هڪ ڏينهن حضرت رسول پاڪ فرمايو - منهنجي دل جو غنچو آهي کليو.

٨٩١- اي عمر هيءُ منهنجو سخن خيال سان ٻڌ - دل و جان سان تعميل ڪر ۽ هوش رک.

٨٩٢- سڀ سبب لاڳاپا ۽ تعلقات وڃڻ آهن - فقط هڪڙو لاڳاپو ڳنڍيل آهي.

٨٩٣- اهو لاڳاپو هي آهي جو قيامت جي ڏينهن حضور پاڪ جي شفاعت - ٻي سڀڪا شيء فنا ٿي ويندي مگر فقط حضور جي شفاعت قائم رهندي.

٨٩٤- جنهن ساڻهون جي مونسان وڏيڪ نسبت هوندي - سو بهشت ۾ مون سان ڪٺو هوندو.

٨٩٥- اهو منهنجو قول سچو ۽ پڪو سمجهه - اي جوان تون انجي تعميل ڪر.

٨٩٦- جيئن منهنجي سچي ٻاسي ۾ جگر آهي - اي عادل عمر تون انتي يقين ڪر.

٨٩٧- پوء دل ۾ چيم ته امر بجا آڻيان - هن حال جو مطلب سمجهان ۾ دير نه ڪيان.

٨٩٨- محمد مصطفيٰ جي صحبت جو شرف حاصل ڪيان - ته حضرت علي جي دختر هٿ ڪيان.

٨٩٩- حضرت بي بي فاطمه جي ڌيءُ ٿي نڪاح ۾ آڻيان - اهڙا ملي ته شرف وارو ٿيان.

٩٠٠- حضرت جو اسم مبارڪ ام ڪلثوم آهي. جا خاتون جنت جي
بطن مان آهي.

٩٠١- پوءِ حضرت علي جي خدمت ۾ عرض گذاريم - اي شاها منهنجو
عرض اوهان کي معلوم آهي.

٩٠٢- پنهنجي نياڻيءَ جي شادي مونسان ڪراءِ - هن درويش کي پنهنجي
فرزندي جي رشتي ۾ ملاءِ.

٩٠٣- پوءِ هن فرزندن کان ٻچي صلاح- ٻنهي چيو بيشڪ هيءَ نيڪ
آهه صلاح.

٩٠٤- شاهه حيدر، حسن ۽ حسين جي رضا سان- پنهنجي دختر شاهه فاروق
کي ڏني.

٩٠٥ سندس اسم ام ڪلثوم هو- جنهن منجهان زيد ۽ رقيه پيدا ٿيا.

٩٠٦- سندس عمر ۾ ڏهه سال زنده رهي- ۽ پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ ٿي رهيا.

٩٠٧- اي برادر جڏهن هنن جو ايڏو شان ٿيو- ته پوءِ مان انهن‌جي تعريف
ڇو نه ڪيان ؟

٩٠٨- ابو بڪر، عمر، عثمان علي- منهنجا ٻنهي جهانن جا سردار آهن.

٩٠٩- جيڪو انهن کان منڪر آهي تنهن تي لعنت آهي- انهن تي الله
۽ پنجتن جي لعنت آهي.

٩١٠- مان آل عبا جي شان تان قربان ٿيان- انهيءَ قرباني ڪري سلطان
ٿيان.

٩١١- ختم المرسلين جي گهوڙي جي سنب جي مٽي- اول ۽ آخر منهن
جي مٿان وسندي رهي.

٩١٢- مون تي سيد المرسلين پنهنجو قرب ڪيو- مونکي عاشقن جي گروه
۾ داخل ڪيو.

٩١٣- مان محمد مصطفيٰ جي نالي جو عاشق آهيان- علي المرتضيٰ جو نالو
منهنجي دل تي نقش ٿيل آهي.

٩١٤- مونکي محمد مصطفيٰ کان اهو ارشاد ٿيو- ته محبت کان سواءِ
ٻيو سڀ هيچ سمجهه.

٩١٥- مونکي وحدت جي راز کان آگاه ڪيائين - گدا مان مونکي شاه بڻايائين .

٩١٦- مون غريب تي توجهه ڪري - ارشاد فرمايائون ته پاڻکي غير حق نه سمجهه .

٩١٧- ۽ پڻ چوي ٿو ته پاڻکي ياد ڪر - مان ان خدا کي هر وقت ياد ڪيان ٿو.

٩١٨- اي دوست اها سمجهه غلط آهي - مان توکي هڪڙو ڳجهو راز ٻڌايان ٿو جو تون خيال سان ٻڌ .

٩١٩- اي پٽ هن راز کي جي يقين سان سمجهين - ته ٻنهي جهانن ۾ بهره ور ٿئين .

٩٢٠- "خدائي" هن جي غلامن جو آهه غلام - ڪيم پورو راز نامه هينئر چوان سلام .

٩٢١- مان ڪير آهيان؛ مان ڪير آهيان؛ مان ڪير آهيان- انهيءَ حيرت ۾ حيران آهيان ته مان ڇا آهيان .

[ايندڙ صفحن تي حضرت سچل سرمست جي هڪ فارسي ديوان: "ديوان خدائي" جي چند غزلن جو سنڌي ترجمو ڏنو پيو وڃي. سچل سائينءَ جا مشهور ڪانسواءِ ٻه فارسي ديوان آهن: "ديوان آشڪار" ۽ ديوان خدائي. "ديوان آشڪار" ڇپجي چڪو آهي. باوجود وڏي ڪوشش جي "ديوان خدائي" جا فقط چند غزل هڪ بياض مان مليا آهن. جيڪو راقم الحروف وٽ موجود آهي. هن ديوان ۾ سچل سائين "خدائي" تخلص آندو آهي.

تغزل، غزل جي جان سمجهيو ويندو آهي. هن ديوان جي غزلن ۾ جيتوڻيڪ تصوف جا اسرار و رموز بيان ٿيل آهن پر ان هوندي به تغزل جو رنگ نمايان نظر ايندو. محبوب جي حسن جي تعريف به آهي، ته درد جون دانهون ۽ وصال لاءِ آنهون به آهن. سندن نظر ۾ عاشق ۽ درد لازم ملزوم آهن. نه فقط ايترو، پر عشق ۾ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪرڻ لازم ٿا سمجهن.

ڪثرت ۾ وحدت کي سچل سائين نهايت وضاحت سان سمجهايو آهي هنن غزلن ۾ به انهيءَ مسئلي کي ڏاڍي سٺي نموني سمجهايو اٿن. انسان جي عظمت کي به هتي نمايان نموني ڏيکاريو اٿن. وڏيڪ سمجهائن ٿا، ته صحيح معرفت تڏهن حاصل ٿيندي، جڏهن پنهنجو پاڻ فنا ڪبو. يعني فنا کان پوءِ ئي بقا حاصل ٿيندي.

سچل سائينءَ منصور واري نعري کي جنهن وضاحت بيباڪي ۽ جرائت سان بيان ڪيو آهي، اهڙي نموني ڪنهن به شاعر بيان نه ڪيو آهي، هنن غزلن ۾ به اهوئي رندانه نعرو آهي، اها ئي عظمت آهي، ۽ اهائي بيباڪي آهي. صاف فرمائن ٿا:

"مان منصور حلاج وانگر انا الحق جو نعرو هڻان ٿو."
"مان شهنشاهه آهيان...."

مطلب ته سچل سائين جن وجودي تصوف جا وڏي ۾ وڏا شارح آهن. همه اوست کي بلڪل صاف نموني سمجهايو اٿن، ۽ ڪلمہ ڪلا انا الحق جو نعرو هنيون اٿن.]

جلد غزليات

ديوان خدائي

(سنڌي ترجمو)

مترجم

قاضي علي اڪبر درازي

غزل ١-

١- مان انهيءَ ڳولها ۾ هوس تہ ، پنهنجي دوست کي ڏسان - پنهنجي محبوب جو منهن ڏسڻ لاءِ منهنجي دل شوق کان معمور هئي .

٢- اوچتو غيب کان مون ڏانهن هي جواب آيو تہ اي عاشق ! پهريائين پنهنجي اختيار کي مڪمل طرح ترڪ ڪر.

٣- جيڪڏهن تون پاڻکي فنا ڪيو آهي ۽ منهنجي هستيءَ کي تسليم ڪيو آهي ، تہ پوء تون بيخبر نہ رهندين ، پر پنهنجي ذات جي اسرار کان واقف ٿي ويندين .

٤- پنهنجي جسم جي سمهڻ ۽ جاڳڻ (جي علت) کي سمجھہ - هي سڀ ڪجهہ اسان ڪيون ٿا- انکي پنهنجو ڪم نہ سمجھہ .

٥- هي تنهنجو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ، جنهنکي تون پنهنجي ذات ڏانهن منسوب ڪرين ٿو ، اهو تنهنجي رب جي طرف کان آهي- انکي پنهنجو عمل نہ سمجھہ.

غزل ٢-

١- اي دوست ! مان شهنشاه آهيان - مون گلن ڦلن جو تنبو کوڙيو آهي.
سچ پچ مان بادشاه آهيان ، ۽ مون گلن ڦلن جو تنبو کوڙيو آهي.

٢- سون تنبو ٺاهيم ، پر انهن کي جلائي ڇڏيم.
هن ۽ هن (هر شيءِ) کي ترڪ ڪيم ، ۽ گلن ڦلن جو تنبو کوڙيم.

٣- مٽيءَ جي مٺ مان پيدا ٿيس ، پر دادشاه بڻجي ويس.
خاڪ جي پتلي لاءِ بادشاه بڻجڻ نامڪن آهي. مون گلن ڦلن جو تنبو کوڙيو آهي.

٤- مٽيءَ جي مٺ ۾ لڪي پيس ، سندس اندر ۾ ويهي ويس .
پوءِ هر هنڌ پهتس ؛ ۽ گلن ڦلن جو تنبو کوڙيم.

٥- هڪ عجيب تنبو (شاميانو) کڙو ڪيم ؛ انجي اندر جڳهہ ٺاهيم ،
"خدائي" نالو رکايم ، ۽ گلن ڦلن جو تنبو کوڙيم .

غزل ٣-

١- منهنجي زبان مان عشق جو راز دنيا ۾ ظاهر ٿيو- اها موج جا درياه مان آئي، ان سمورا راز فاش ڪري ڇڏيا.

٢- مان منصور حلاج وانگر انالحق جو نعرو هڻان ٿو؛ ڇاڪاڻ جو شاهانہ بلندي سان گڏ انجو سر قاضيءَ جي تختي تي قلم ڪيو ويو هو.

٣- جنهنکي به ان جي معرفت مان حصو مليو، ان ذات مطلق کي پنهنجي ذات ۾ ڏٺو ۽ پنهنجي ذات کان بيزار ٿي ويو.

٤- هي سمورا اعيان (صور علميه) وحدت جي بي پايان بحر ۾ گم ٿي ويندا ۽ سموري مخلوقات ۾ هڪئي حقيقت جاري ۽ ساري نظر ايندي.

٥- ان ذات مطلق ۾ سچي خدائي گم ٿي هڪ ٿي ويئي، ۽ فنا کان بقا ڏانهن اچي دوست ملي ويو.

غزل -٤

١- پرن کانسواء مڪان کان لا مڪان تائين اسانجو پرواز آهي؛ ۽ منهن جو آواز فضائن ۾ گونججي رهيو آهي.

٢- منهنجي دل، ۾ حالتن جي ڦيري جذبو پيدا ڪيو آهي، ۽ ان شاهه شاهباز جو خيال هر وقت ۽ هر جڳهه منهنجو سات ڏئي ٿو.

٣- مستيءَ جي حالت گهڻو ڪري مونکي رقص ۾ آئيندي آهي، ۽ عشق پنهي جهانن ۾ منهنجو راز فاش ڪري ڇڏيو آهي.

٤- سمنڊ مان وڏيڪ طوفاني ۽ طلاطم خيز موج وانگر آيو، جنهن وقت عشق منهنجو نعرو ۽ منهنجو آواز ٻنيو.

٥- ذات مطلق ۾ سچي خدائي گم آهي، ۽ اسانجي بلندي به انجي اڳيان پستي آهي.

غزل -٥

١- اچ، وحدت جي علم ۾ ڪليل اسرار ڏس (۽ هي ڏس ته) " ابليس ۽ آدم ۽ ڪفر ۽ مسلماني سڀ هڪ آهن."

٢- هر صورت ۾ اهوئي جلوه ريز آهي، ۽ هر جڳهه اهوئي عيان آهي. هو هر ذري مان ظاهر آهي، توڙي جو ظاهري طرح هن پنهنجو پاڻ کي لڪايو آهي.

٣- ڪٿي هو ابو بڪر آهي، ڪٿي آذر؛ ڪٿي مسلم، ڪٿي ڪافر ۽ ڪٿي اعظم شاني (١) آهي.

٤- جنهن انا الحق جو نعرو هنيو، اهو ئي دل ۽ جان سان مسلمان ٿي ويو، ۽ پنهنجو پاڻکي پنهنجي تلوار سان قتل ڪري ڇڏيو.

---

(١) حضرت بايزيد بسطاميءَ چيو هو: سبحاني ما اعظم شاني"

غزل -٦

١- هن محبوب اوچتو جلوو ڏيکاري منهنجي دل کسي ورتي ۽ محبت جي ميدان ۾ عجب انداز سان مونکي شڪار ڪيو.

٢- ان جا خمدار ابرو ڪمان وانگر آهن ۽ انجون ڪاريون اکيون مست آهن. هن پلڪن جا تير هلائي، مونکي گهايل ڪري ڇڏيو.

٣- آخر ڪنهن ڏينهن هو غريبن ڏانهن ڏسندو ۽ نهايت لطف ۽ ڪرم سان بار بار دوست جو احوال دريافت ڪندو.

٤- عاشق کي درد ڪانسواءِ ڪوبه ڪم نه هوندو آهي؛ وڇوڙي ڪان دانهون ڪندو آهي ۽ اکين کان ڳوڙها وهائيندو آهي.

٥- وڇوڙي جي ماريل کي رنج ۽ غم برداشت ڪرڻ جي طاقت نه هوندي آهي. عشق جو اهو غلغلو هر ملڪ ۾ هر شهر ۾ برپا آهي.

غزل -٧

١- منهنجو سر تنهنجي عشق ۾ ڪم اچي ويو، توکي مونکان ٻيو ڇا گهرجي! منهنجي جان تنهنجي بازار ۾ وڪامي ويئي، توکي مون کان ٻيو ڇا گهرجي؟

٢- تو عجيب ڪم ڪيو، جو اک جي اشاري سان منهنجو ساهه ڪڍي ورتو، ۽ ان تي تون مونسان ناراض آهين؛ توکي مونکان ٻيو ڇا گهرجي؟

٣- مان ڏينهن رات تنهنجي محبت ۾ شڪسته حال رهانتو، ۽ تنهنجي ٻاڙي ۾ جان ڏئي ڇڪو آهيان. ڪڏهن مان ڪران ٿو ۽ ڪڏهن اٿي بيهان ٿو، توکي مون کان ٻيو ڇا گهرجي؟

٤- هن گدا تنهنجي راهه ۾ پنهنجي جان فدا ڪئي آهي، مان دوست کي ڇڏي ڇڪو آهيان، توکي مون کان ٻيو ڇا گهرجي؟

٥- منهنجون اهي دانهون ورناءِ، جيڪي سالن جا سال تنهنجي ڪوچي ۾ ڪري ڇڪو آهيان، منهنجي دل تنهنجي محبت جي داغ جي ڪري لاله جي گل وانگر ٿي پيئي آهي، توکي مون کان ٻيو ڇا گهرجي؟

٦- مان حيران ٿي ويس، ويران ٿي ويس، بيجان ٿي ويس. تنهنجي دروازي جي ڪري رهيو آهيان توکي مون کان ٻيو ڇا گهرجي؟

٧- تو اهڙي تلوار هڻئين، جو ختم ٿي ويس، ۽ وڏا اسرار ڏنءِ، تو ڪيئن مون کان پيو ڇا گهرجي؟

٨- مان تنهنجي دروازي جو ڪتو آهيان، ۽ تنهنجي ديدار جي شوق ۾ رئندو آهيان. ڏينهن رات تنهنجي ماڙيءَ جي هيٺان ويٺو آهيان، تو ڪيئن مون کان پيو ڇا گهرجي؟

غزل -٨

١- تون خدا آهين، خدا آهين، خدا.
تون لاشريڪ آهين ۽ چون و چرا (ڪيئن ۽ ڇو يا سبب ۽ دليل) کان پاڪ آهين.

٢- تون پاڻ ۾ فقط پاڻکي ئي ڏسندو رهين ٿو.
ان ڪانسواءِ ٻي ڪا به شيءِ حرڪت (وجود) ۾ ڪانهي.

٣- پر تون هت سوداگر بڻجي آئين، ۽ پوءِ شهنشاه بڻجي ويٺين.

٤- تون ابوجهل جي شڪل ۾ به ظهور ڪري چڪو آهين، ۽ مرتضيٰ جي صورت ۾ به.

٥- ابوبڪر، عمر ۽ عثمان ذوالنورين به بڻجين ٿو- ۽ حسن، حسين ۽ مصطفيٰ به.

٦- پاڻ تماشو ٿو بڻجين ۽ پاڻ ئي تماشو ٿو ڪرين- جڏهن تون پاڻ تماشو آهين ته پوءِ پيو ڪنهن جو تماشو پيو ڪرين.

٧- پاڻ مان پاڻ ڏي عشقبازي پيو ڪرين، ۽ هر لباس ۾ جلوه نمائي ڪندو ٿو رهين.

٨- پاڻ کي "خدائي" ٿو سڏائين- پر حقيقت ۾ تون پاڻ خدا آهين.

غزل -٩

١- مون سمجهيو پيو هوس، تنهنجي عشق سڄاڳ ڪيو ۽ شرابخاني جي راهه ورتم.

٢- اي دوست! جڏهن مان شراب خاني پهتس، ته اتي پهچي سان بيهوش ٿي ويس.

٣- مان سبو تي عاشق ٿيس ۽ زنار پاتم.

٤- اتي عاشقن جون قطارون هيون سڀ مستيءَ، آهن ۽ فريادن جي عالم ۾ هئا.

٥- هو بيخود ۽ سرمست هو. سندس مجروح دل کيس وجد ۽ رقص ۾ وٺي آئي هئي.

٦- هو ڏاڍي خراب نموني زمين تي ليٽي رهيو هو ۽ بالڪل بيهوش هو.

٧- جيڪي ڪالهيون عاقلن جي اکيان حلال آهن، مون اهي اتي حرام ۽ مذموم ڏٺيون.

٨- مون انهن جا حالات ڏٺا هوش ۽ حواس وڃائي ويٺس، ۽ انهنجي درد ۽ غم مون کي مرده ڪري ڇڏيو.

٩- انهن مان هڪ مونکي شراب جو جام پيش ڪيو. مان بي پنهنجي هستيءَ کان بيزار ٿي ويس.

١٠- هيننئر جيڏاهن ڏسان ٿو، هر طرف يار نظر اچي ٿو. مون هر پاسي محبوب جو چهرو ڏٺو.

١١- انجو حسن مختلف شڪلين ۾ جلوه ريز ڏٺم ۽ مونکي يقين ٿيو ته هو قول ۾ خود مختيار آهي.

١٢- ان گهر ۾ گناه ثواب جو ڪم فرق ڪونهي- پر ان حقيقت جو اظهار ممڪن نه آهي.

١٣- هن انهن اکين کي بينائي ڏني، ۽ درو ديوار ان جي پرتوي کان منور نظر اچڻ لڳي.

١٤- انهيءَ درياه ۾ پاڻ ئي گم ڪري ڇڏ. عاشقن لاءِ اهو سڀ کان سٺو ڪم آهي.

١٥- "خدائي" توحيد جي سمنڊ ۾ غوطه زن آهي- باطن جو خيال ترڪ ڪري ڇڏ.

مرتب جا ڇپيا ڪتاب

	روپيه پيسه
١- دولهه درازي	۴—٠٠
٢- سچل سرمست (انگريزي)	٠—۵٠
٣- درد جو داستان	٠—۵٠
۴- قره العينين الرسول	٠—٢۵
۵- بيعت الرضوان	٠—۵٠
٦- مثنوي عشق نامه سچل سرمست (سنڌي ترجمه)	٠—۵٠
٧- مثنوي گدازنامه " " "	٠—٧۵
٨- مثنوي درد نامه " " "	٠—۵٠
٩- مثنوي تارنامه " " "	٠—۵٠
١٠- مثنوي رهبرنامه " " "	٠—۵٠
١١- مثنوي وصلت نامه سچل سرمست (اردو ترجمه)	٢—٠٠
١٢- وحدت نامه " " "	٠—۵٠
١٣- داتا درازي	٠—٧۵
١۴- سخي سرتاج	٠—۵٠
١۵- سچل سرمست (انگريزي) سيڪنڊ ايڊيشن	١—٠٠
١٦- ديوان غلام اڪبر	٠—۵٠
١٧- سچل سرمست شاعر هفت زبان (اردو)	٢—٠٠
١٨- سوانح حيات سردار بهادر محمد بخش	مفت
١٩- ديوان ڪوجهي	"
٢٠ عشق-حبيب (زير طبع)	١—٠٠
٢١ سارئيم اج سنگهار "	١—٠٠

ملڻ جو هنڌ

قاضي علي اڪبر درازي

محله قاضي عبدالسميع - روهڙي